# توبهه

## کرڻ وارن جا واقعات



هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنّتن ڀريو بيان.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# توبھ ڪرڻ وارن جا واقعا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينۂ منوّره سردارِ مڪۂ مڪرمہ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان دلنشين آهي: فرض حج ڪريو، بيشڪ اُن جو اجر ويهہ (20) غزوات ۾ شرڪت ڪرڻ کان وڌيڪ آهي ۽ مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهڻ اُن جي برابر آهي. (فردوس الاخبار،ج2 ص207 حديث 2484)

بچيں بے کار باتوں سے پڑھیں اے کاش کثرت سے
ترے محبوب پر ہر دم دُرُودِ پاک ہم مولٰی

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گُل:**(1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجھ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀيڄي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيۡب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَۃِ وَ الۡمَوۡعِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ ”ترجموڪنزالايمان: پنھنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة[2] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ✿ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ✿ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ✿ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ✿ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ✿ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## هڪ نوجوان جي توبهہ

دعوتِ اسلامي جي اِشاعَتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل 649 صفحات تي مشتمل ڪتاب ”حکایتیں اور نصیحتیں“ جي صفحي 363 تي آهي: هڪ ڏينهن حَضرَتِ سَيِّدُنا مَنۡصُور بن عمّار(عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَفَّار) ماڻهن کي وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ جي لاءِ مِنۡبر تي تشريف فرما ٿيا ۽ اُنهن کي عذابِ اِلٰهي کان ڊيڄارڻ ۽ گناهن تي دَڙڪا ڏيڻ لڳا. قريب هيو جو ماڻهو بي چيني جي

---

[2] . . .بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

شدت سان تڙپي ڪري مري وڃن ها. اِن محفل ۾ هڪ گنهگار نوجوان بہ موجود هو. جيڪو پنهنجي گناهن جي ڪري قبر ۾ لهڻ جي متعلق ڪافي پريشان هو. جڏهن هو حَضرَتِ سَيّدُنا مَنْصُور بن عمّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار جي اجتماع مان واپس ٿيو تہ ايئن لڳو تہ ڄڻ بيان هُن نوجوان جي دِل تي تمام گهڻو اثر انداز ٿي چڪو هجي. اُهو نوجوان پنهنجي گناهن تي شرمنده ٿيندي پنهنجي امڙ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: ”اي منهنجي پياري امڙ! توهان چاهيو ٿي تہ آئون شيطاني ڪم ۽ خدائي رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڇڏي ڏيان، بس! اڄ کان مان انهن کي ڇڏيان ٿو“. ۽ اُن نوجوان پنهنجي امڙ کي اهو بہ ٻڌايو تہ آئون حَضرَتِ سَيّدُنا مَنْصُور بن عمّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار جي اجتماعِ پاڪ ۾ حاضر ٿيس ۽ پنهنجي گناهن تي تمام گهڻو شرمنده ٿيس. سندس ماءُ چيو: اي منهنجا پُٽ! سڀئي خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن، جنهن توکي تمام سٺي انداز سان پنهنجي بارگاھ جي طرف ڦيريو ۽ گناهن جي بيماري کان شِفاءَ عطا فرمائي ۽ مونکي پڪي اُميد آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجو توتي روئڻ جي سبب توتي ضرور رحم فرمائيندو ۽ توکي قبول فرمائي ڪري تنهنجي مٿان احسان فرمائيندو، پوءِ سندس والده پُڇيو: اي پُٽ! نصيحت ڀريو بيان ٻڌڻ وقت تنهنجو ڪهڙو حال هو؟ تہ هُن نوجوان جواب ۾ ڪجھ اشعار پڙهيا، جنهن جو مفهوم هي آهي: ”مون توبھ جي لاءِ پنهنجي جهولي ڦيلائي ڇڏي آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي تنبيھ ڪندي اطاعت گذار ۽ فرمانبردار ٿي ويو آهيان. جڏهن بيان ڪرڻ واري منهنجي دِل کي ربّ تعاليٰ جي اطاعت جي طرف گهرايو تہ منهنجي دل جا تمام تالا کُلي ويا. اي منهنجي امڙ! ڇا منهنجو مالڪ و موليٰ عَزَّوَجَلَّ منهنجي گناهن ڀري زندگي جي با وُجود مونکي



www.dawateislami.net

قبول فرمائيندو. هاءِ افسوس! جيڪڏهن منهنجو مالڪ مونکي ناڪام ۽ خالي واپس موٽائي ڇڏيو يا پنهنجي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو تہ آئون تباهہ ٿي ويندس.“ پوءِ هُو نوجوان ڏينهن جو روزو رکندو ۽ رات جو قِيام ڪندو هو. ايستائين جو اُن جو جسم ڪمزور ٿي ويو، گوشت ڇَڙي ويو، هڏيون خشڪ ٿي ويو ۽ رنگ پيلو ٿي ويو. هڪ ڏينهن اُن نوجوان جي والدهء محترمہ انهن لاءِ پيالي ۾ سَتُّو ڪٽي آئي ۽ اصرار ڪندي چيو: ”آئون توکي الله عَزَّوَجَلَّ جو قَسم ڏئي چوان ٿي تہ هي پيء ونو، تنهنجو جسم گهٽي سختي برداشت ڪري چڪو آهي.“ جئين تہ نوجوان پنهنجي امڙ جي ڳالهہ مڃيندي اُن پيالي کي هٿ ۾ ڪنيو تہ بي چيني ۽ پريشاني وِچان روئڻ لڳو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي اِن فرمانِ عاليشان کي ياد ڪرڻ لڳو:

يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ

(پ 13، ابراھيم: 17)

**ترجمو ڪنزالايمان:** سخت مُشڪل سان ڍُڪ ڍُڪ ڪري ان کي پيئندو. ۽ نڙيءَ لان هيٺ لهڻ جي اميد ڪانہ هونديس.

پوءِ هُن نوجوان زور زور سان روئڻ شروع ڪري ڏنو ۽ زمين تي ڪِري پيو. ڏسندي ئي ڏسندي هُن نوجوان جو روح قفسِ عنصري مان پرواز ڪري ويو. (حڪايتون ۽ نصيحتون، ص 363)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان، ڏينهن رات گناهن ۾ مشغول رهڻ وارو نوجوان هڪ اجتماع ۾ حاضر ٿيو ۽ اُن ۾ ٿيڻ واري رِقّت اَنگيز بيان کي جڏهن ٻڌائين، تہ اُن جي دل ۾ اهڙو تہ مَدني انقلاب برپا ٿي ويو جو سچي سچي رات الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ ۽ ڏينهن ۾ روزو رکڻ ۽ سچي توبہ ڪرڻ کان پوءِ بہ خوفِ خُدا جي ڪري هر وقت پنهنجي ماضي ۾



www.dawateislami.net

ڪيل گناهن تي شرمنده رهندو هو. انهيءَ حالت ۾ اُهو نوجوان دنيا کان رخصت ٿي ويو. اِن حڪايت ۾ اسانکي اِهو دَرس مليو تہ نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي جو اِن جي برڪت سان جِتي اجر ۽ ثواب جو خزانو هٿ ايندو آهي، اُتي ڪيترن ئي ماڻهن کي توبہ جي توفيق بہ نصيب ٿيندي آهي. اسان کي بہ دَعوتِ اسلامي جي سُنتن ڀريي اجتماع ۽ هر هفتي ٿيڻ واري مدني مُذاڪري ۾ اجتماعي طور تي ضرور شرڪت ڪرڻ گهرجي جو اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي مُبَارڪ اجتماعات، تلاوتِ قُرآن، نعتِ رَحْمتِ عالميان، سنتن ڀريو بيان، رِقَّت انگيز دُعا ۽ صلاة و سلام ۽ اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي طرفان ملندڙ علم ۽ حڪمت سان مالامال مَدَني گُلن جي رنگين مَدَني گُلدستن سان سينگاريل هوندا آهن. اِنهن اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ جي برڪت سان نہ صرف علمِ دين حاصل ڪرڻ جا موقعا هٿ ايندا آهن بلڪ حقوق الله جي پابندي سان گڏوگڏ گناهن کان توبهہ ڪري نيڪيون ڪرڻ ۽ سُنتن تي عمل ڪرڻ جو ذهن بڻجي ٿو.

تو گناهوں کو کر معاف الله میری مقبول معذرت فرما
مصطفٰی کا وسیلہ توبہ پر تو عنایت مداومت فرما

(وسائل بخشش، ص۷۵)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## باربار توبہ ڪريو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جون رحمتون بي حد ۽ بي حساب آهن، رب تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جون خطائون معاف فرمائي ڇڏيندو آهي.



www.dawateislami.net

انهيءَ لاءِ ٻانهن کي بہ پنهنجي توبهہ تي قائم رهڻ گهرجي. ياد رکو! توبہ جا ٽي (3) شرط آهن، جيڪڏهن ٽن شرطن تي عمل ڪيو وڃي تڏهن ئي توبهہ مڃي ويندي. اُهي ٽي (3) شرط هي آهن:

## توبہ جا رڪن

(1) ماضي تي ندامت (يعني جيڪي گناهہ ڪيا اُن تي شرمساري) (2) گناهہ کي ڇڏي ڏيڻ (3) هي عزم (پڪو ارادو) ڪرڻ جو آئينده گناهہ نہ ڪندس. (منح الروض الازهر، تعريف التوبة ومراتبها وامثلة عليها، ص٤٣٦) اعليٰ حضرت، امامِ اهلسُنت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا تہ سچي توبہ جي هيءَ معنيٰ آهي تہ گناهن تي اِنهيءَ لاءِ جو اُن جي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني هئي، شرمسار ۽ پريشان ٿي فورًا ڇڏي ڏي ۽ آئينده ڪڏهن بہ اُن گناهہ جي ويجهو نہ وڃڻ جو سچي دل سان پُورو عزم ڪري اُن جي تلافي لاءِ جيڪو ڪجهہ سندس وَس ۾ هجي اهو ڪري. (فتاوي رضويه ٢١/١٢١) اسان کي بہ توبهہ جي انسان هجڻ ذاتي شرطن کي سامهون رکندي هميشہ توبهہ ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن پوءِ بہ بتقضائي بَشريَّت ڪو گناهہ ٿي وڃي تہ فورًا رَبّ تَعاليٰ جي بارگاهہ ۾ تمام گهڻي عاجزي ۽ انڪساري سان گناهن تي شرمسار ٿيندي توبهہ ڪريو، جيڪڏهن ٻيهر بہ گناهہ ٿي وڃي تہ وري توبہ ڪريو ۽ جي وري بہ ڪا خطا ٿي وڃي تہ وري توبهہ ڪريو ۽ هر وقت الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف رکو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ گناهن کان بچڻ جو ذهن ٺهجي ويندو.

## تنهنجو خوفِ خُدا، تنهنجي شفاعت ڪندو

حَضرَتِ سَيِّدُنا رَبيعہ بن عُثمان تيمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: ”هڪ شخص تمام گهڻو گنهگار هو، اُن جا ڏينهن رات الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾ گذرندا هئا.



www.dawateislami.net

اهو گناهن ۾ ٻُڏل هو، پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ اُن سان ڀلائي جو اِرادو فرمايو ۽ اُن جي دل ۾ احساس پيدا فرمايو تہ پنهنجي پاڻ تي غور ڪر، تون ڪهڙي رستي تي هلي رهيو آهين؟ الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن پنهنجي ٻانهي سان ڀلائي جو اِرادو فرمائيندو آهي تہ اُن کي احساس ۽ گناهن تي شرمندگي جي توفيق عطا فرمائيندو آهي، اُن گنهگار شخص تي بہ پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ ڪرم فرمايو ۽ انُ شخص کي پنهنجي گناهن تي شرمندگي ٿي، غفلت جا پردا اکين تان ڪِجي ويا، سوچڻ لڳو تہ گهڻا گناه ٿي ويا، هاڻي پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ توبہ ڪرڻ گهرجي. پوءِ اُن پنهنجي گهرواريءَ کي چيو: "آئون پنهنجي ڪَيل گناهن تي شرمنده آهيان ۽ پنهنجي پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ توبہ ڪريان ٿو، اُهو رحيم ۽ ڪريم پروردگار عَزَّوَجَلَّ منهنجي گناهن کي ضرور معاف فرمائيندو. هاڻي آئون ڪنهن اهڙي هستي جي تلاش ۾ وڃي رهيو آهيان جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ منهنجي سفارش ڪري." ايترو چوڻ کان پوءِ اُهو شخص ويران جهنگ ۾ نڪري ويو. جڏهن هڪ ويران جڳهہ تي پهتو تہ زور زور سان چوڻ لڳو: "اي زمين! تون الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ منهنجي سفارش ڪرڻ واري ٿي وڃ، اي آسمان! تون الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ منهنجو شفيع ٿي، اي الله عَزَّوَجَلَّ جا معصوم فرشتو! توهان ئي منهنجي سفارش ڪريو." اُهو شرمسار شخص زارو قطار روئڻ لڳو۽ اهڙي طرح پنهنجون صَدائون بُلند ڪندو رهيو. هر هڪ شيء کي چوندو هو تہ تون منهنجي سفارش ڪر" آئون هاڻي پنهنجي گناهن تي شرمسار آهيان ۽ سچي دِل سان توبہ ڪريان ٿو. اُهو شخص مسلسل اهڙي طرح چوندو رهيو، آخرڪار اُهو روئي روئي زمين تي منهن پر ڪِري پيو. اُن جي هِن طرح آھ وزاري ۽ گناهن تي شرمسار هئڻ جو انداز مقبول ٿيو ۽ اُن شخص ڏانهن هڪ فرشتو موڪليو ويو، جنهن هُن شخص کي زمين تان لاٿو ۽ اُن جي مٿي تان مٿي



www.dawateislami.net

وغيره صاف ڪئي ۽ چيو: ”اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانھا! تنھنجي لاءِ خوشخبري آھي تہ تنھنجي توبھ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ قبول ٿي وئي آھي.“ ان تي اُھو شخص تمام خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو: ”الله عَزَّوَجَلَّ توھان تي رحم فرمائي، الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ منھنجي سفارش ڪير ڪندو؟ اُتي منھنجو شفيع ڪير ٿيندو؟“ فرشتي جواب ڏنو: ”تنھنجوالله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ، ھي ھڪ اھڙو عمل آھي جيڪو خود تنھنجي سفارش ڪندو ۽ تنھنجو ھي عمل بارگاھِ خداوندي ۾ تنھنجو شفيع ٿيندو.“ (عيون الحكايات، ص:١٧٣)

سُبۡحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! لَک مبارڪ اُن خوش نصيب نوجوان کي جو جڏھن اُن تي گناھن جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ شرمسار ٿيڻ جو خوف غالب آيو. تہ ھُن نوجوان پنھنجي گناھن کان سچي توبہ ڪري ورتي ۽ قيامت جي ڏينھن الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ پنھنجي سفارش ڪرڻ واري جي تلاش ۾ نڪتو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ھڪ فرشتي جي ذريعي ھُن نوجوان جي توبھ قبول ٿيڻ جي خوشخبري ٻڌائي. يقينًا جن خوشنصيبن کي حقيقي الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف نصيب ٿي وڃي، اُھي اڪيلائي ۾ ھجن يا ھُجوم ۾، ھر حال ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا آھن ۽ گناھن کان پاسو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آھن. **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيشڪ خوفِ خُدا اسان کي آخرت ۾ نجات ڏيڻ لاءِ وڏي اھميت رکي ٿو. جو تہ عبادتن جي ڪرڻ ۽ مَنع ڪيل شين کان پاسو ڪرڻ جو اھم ذريعو خوفِ خدا آھي. نبيِّ اڪرم،نُورِمجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

رَأۡسُ الۡحِكۡمَةِ مَخَافَةُ الله ”يعني حڪمت جو سرچشمو الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف آھي.“

(شعب الايمان، باب في الخوف من الله تعالي، ١/٤٧١، حديث:٧٤٤)

انھيءَ ڪري دنياوي رونقن ۽ مُسّرتن ۾ گُم ٿي آخرت جي حساب جي معاملي ۾ غفلت جو شڪار ٿي وڃڻ يقينًا بي وقوفي آھي. اسانجي نجات



www.dawateislami.net

انهيءَ ۾ آهي تہ اسان رَبِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ ۽ پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي احڪامن تي عمل ڪندي نيڪين جو ذخيرو جمع ڪريون ۽ گناهن کان پرهيز ڪريون. اِن عظيم مقصد ۾ ڪاميابي جي لاءِ هڪ مسلمان جي دل ۾ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جوهئڻ بي حد ضروري آهي. جيئن تہ الله تبارڪَ و تَعاليٰ سيپاري 4 سوره آلِ عمران آيت نمبر 175 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَخَافُوْنِ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ مون کان ڊڄو جيڪڏهن ايمان وارا آهيو.

(پ 4، آل عمران: 175)

صَدرُالْاَفاضِل، حضرتِ مولانا سيد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي اِن آيتِ ڪريمہ جي تحت ارشاد فرمائن ٿا: ”چو جو ايمان جو تقاضو ئي اهو آهي تہ بانهي کي خُدا جو ئي خوف هجي. حضرت سَيّدُنا اَنس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ رحمتِ ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو. ”الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو تہ اُن کي باهہ مان ڪڍو جنهن مونکي ڪڏهن ياد ڪيو هجي يا ڪنهن جاءِ تي منهنجو خوف ڪيو هجي.“ (شعب الايمان، باب في الخوف من الله تعالٰي، 469/1، حديث: 740)

محبوبِ رَحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”جيڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندو آهي، هر شيء اُن کان ڊڄندي آهي ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪنهن کان ڊڄندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ هُن کي هر شيء کان خوف زده ڪندو آهي.

(شعب الايمان، باب في الخوف من الله تعالٰي، 541/1، حديث: 974)

**منا منا اسلامي ڀائرو!** خوفِ خُدا مان مراد هي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفَيہ تدبير، اُن جي بي نيازي، اُن جي ناراضگي، اُن جي گرفت (پڪڙ)، اُن جي طرف کان ڏنل عذاب، اُن جي غَضَب ۽ اُن جي نتيجي ۾ ايمان جي



www.dawateislami.net

بَربادي وغيره کان خوف زده رهڻ جو نالو ”خوفِ خدا“ آهي. خوفِ خدا جي متعلق تفصيلي معلومات يعني خوفِ خدا ڇا آهي؟ خوف جو ادنيٰ، اعليٰ ۽ درميانو درجو، خوفِ خدا جو نتيجو، خوفِ خدا جون بَرَڪتون، خوفِ خدا جي سبب روئڻ جي فضيلت، خوفِ خدا کي حاصل ڪرڻ جا طريقا، انبياء ۽ سيدالانبياء صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ملائڪن، صحابين ۽ ولين جو خوفِ خُدا ۽ خوف پيدا ڪرڻ وارين ڪجهه آيتن وغيره جو علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب ”**احياءُالعلوم جلد** 4“ جو مطالعو ڪريو. ياد رهي! تہ صرف قَبَر، حَشر، حساب ۽ ميزان وغيره جون حالتون ٻُڌي ڪجهه آهون پرڻ.....يا.....پنهنجي مٿي کي هيڏانهن هوڏانهن گهمائڻ.....يا.. پڇتائڻ.. .يا...ڪجهه لڙڪ وَهائي ڇڏڻ ڪافي ناهي بلڪ اُن سان گڏوگڏ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي عملي تقاضن کي پُورو ڪندي گناهن کان پاسو ڪرڻ ۽ اطاعتِ الٰهي ۾ مشغول ٿي وڃڻ، آخرت ۾ نجات جي لاءِ بي حد ضروري آهيءِ جيڪي ماڻهو خوفِ خدا جي ڪري گناهہ ڪرڻ کان پاسو ڪندا آهن، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اُنهن جي گناهن کي معاف فرمائي پنهنجو محبوب ۽ مُقرَّب بڻائي ڇڏيندو آهي.

## عبدُاللّٰه بن مُبارڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي توبہ

حضرت عبدُاللّٰه بن مُبارڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ عام نوجوان هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي هڪ ڪَنِيز (خدمت ڪرڻ واري خادمہ) سان عشق ٿي ويو ۽ مُعاملو ڪافي اڳتي نڪري ويو هو. سخت سَردِيَن جي موسم ۾ هڪ پيري ديدار جي انتظار ۾ اُن ڪنيز جي گهر جي ٻاهر سڄي رات بيٺا رهيا ايتري تائين جو صبح ٿي ويو. رات بيڪار گذرڻ تي دِل ۾ شرمندگي جي ڪَيفِيَّت پيدا ٿي ۽ ان ڳالهه جو شدت سان احساس ٿيو تہ اُن ڪَنيز (خادمہ) جي پويان



www.dawateislami.net

سڄي رات برباد ڪري ڇڏي پر ڪجهه هٿ نہ آيو، ڪاش! هي رات عبادت ۾ گذاريان ها. اِن ئي سوچ ۾ دل جي دنيا بدلجي وئي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. حضرت عبدُاللّٰہ بن مُبارڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن سچي توبہ ڪئي، ڪنيز جي مَحبَّت مان جان ڇڏايائون، پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ سان دل لڳايائون ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ وِلايت جي اعليٰ منزل ماڻي ۽ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ حضرت عبدُاللّٰہ بن مُبارڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي شان ايتري قدر وڌائي جو هڪ ڀيري سندن والده ماجده رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہا سندن ڳولها ۾ نڪتيون تہ هڪ باغ ۾ گلاب جي ٻوٽي جي ويجهو سندن رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي ان طرح سمهندي ڏٺائون جو هڪ نانگ وات ۾ نَرگس جي ٽاري کڻي سندن جي جسم مبارڪ تان مکيون اڏائي رهيو آهي **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي**. اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

(پردي جي باري ۾ سوال جواب صفحو 263)

## عشق مجازي جون تباه ڪاريون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! عشقِ مجازي جي باهہ ۾ سڙڻ واري هڪ نوجوان تي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جو ڪهڙو ڪرم ٿيو جو اُن خالص توبہ ڪئي ۽ عشقِ حقيقي حاصل ڪري ورتو. عشقِ مَجازي جو اهڙو عجيب و غريب معاملو آهي جو عُمومًا جيڪو هڪ ڀيرو ان جي گهيري ۾ اچي ويو، اُن جو نڪرڻ مشڪل هوندو آهي. اڄڪلهہ (اسان جي معاشري ۾ بہ) عشقِ مَجازي جي هوا ڦيلجڻ شروع ٿي وئي آهي، اِن جو سڀ کان وڏو سبب اڪثر مسلمانن ۾ اسلامي معلومات جي گهٽتائي ۽ ديني ماحول کان پري رهڻ آهي، اهو ئي سبب آهي جو هر طرف گناهن جو سيلاب اچي ويو آهي! ٿي-



www.dawateislami.net

وي، موبائل ۽ انٽرنيٽ وغيره تي عِشقي فِلمن ۽ فِسقي ڊرامن کي ڏسي يا عشق بازين جي مبالغن ڀريي اخباري خبرن، ناوَلن ۽ بازاري ماهنامن، ڊائيجيسٽن ۾ فرضي عشقيہ ڪهاڻيون پڙهي يا ڪاليجن، يونيورسٽين جي مَخلُوط (جتي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ هجن اهڙين) ڪلاسن ۾ ويهي نا محرم رشتيدارن جو پاڻ ۾ ملڻ ۽ بي تڪلف ٿيڻ واري بي حيائي واري اڪثر نوجوانن کي ڪنهن سان عشق ٿي ويندو آهي. پهرين هڪ طرف کان ٿيندو آهي پوءِ جڏهن پهريون شخص ٻي شخص کي آگاهہ ڪري ڇڏيندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ٻنهي طرفن کان ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ عُمومًا گناهہ ۽ نافرماني جو طوفان اچي ويندو آهي. فون تي دل ڀري بي حيائي واريون ڳالهيون بلڪ بي حجاب ملاقات جا سلسلا ٿيندا آهن، خَطن ۽ تُحفن جي ڏي وٺ ٿيندي آهي، شادي جا خفيہ قول ۽ قرار ٿيندا آهن جيڪڏهن گهر وارا رڪاوٽ بڻجن تہ اڪثر ڪري ڀڄي فِرار ٿي ويندا آهن، بعد ۾ اخبارن ۾ اُنهن جا اشتهار ڇپجندا آهن، خاندان جي عزت وچ بازار نيلام ٿيندي آهي. ڪڏهن ”ڪورٽ ميرج“ جي ترڪيب نهندي آهي يا پڄندي ناهن نهندا تہ خودڪَشي جي راهہ ورتي ويندي آهي جنهن جون خبرون اڪثر اخبارن ۾ ڇپجنديون رهنديون آهن. (نيڪي جي دعوت، صفحو 40)

مَحبَّت غير کی دل سے نکالو یارَسُولَ اللہ — مجھے اپنا ہی دیوانہ بنالو یارَسُولَ اللہ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عشقِ مَجازي کان نجات جو بهترين ذريعو ”سُنَّتِ نِڪاح“ جي ادائيگي آهي. اچو تہ! حصولِ ثواب لاءِ نڪاح جي فضيلت تي ڪجهہ فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا.



www.dawateislami.net

## نڪاح جي فضيلت تي مشتمل (5) فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**(1)** جيڪو منهنجي طريقي کي محبوب رکي، اُهو منهنجي سُنَّت تي هلي ۽ منهنجي سُنَّت مان نڪاح (بہ) آهي. (شُعَبُ الْإِيمان ج۴ ص۳۸۱ حديث ۵۴۲۸) **(2)** عورت سان نڪاح چار ڳالهين جي ڪري ڪيو ويندو آهي (يعني نڪاح ۾ ان جو لحاظ رکيو ويندو آهي) (1) مال ۽ (2) حسب ۽ (3) حسن ۽ جمال (4) دين، تہ دين واري کي تَرجيح ڏي. (بُخاري ج۳ ص۴۲۹ حديث۵۰۹۰) **(3)** جڏهن توهان مان ڪو نڪاح ڪندو آهي تہ شيطان چوندو آهي: هاءِ! افسوس! ابنِ آدم مون کان ٽيون حصو دين بچائي ويو. (اَلْفِردَوْس بما ثور الْخَطّاب ج۱ ص ۳۰۹ حديث ۱۲۲۲) **(4)** جيڪو ايترو مال رکندو هجي جو نڪاح ڪري سگهي، پوءِ بہ نڪاح نہ ڪري، تہ اُهو اسان مان نہ آهي. (مُصَنَّف ابن اَبي شيبه، ج۳ ص۲۷۰) **(5)** اي نوجوانو! توهان مان جيڪو نڪاح جي اِستِطاعت رکندو هجي، اُهو نڪاح ڪري جو اِهو اجنبي عورت جي طرف نظر ڪرڻ کان روڪڻ وارو آهي ۽ شرمگاهہ جي حفاظت ڪرڻ وارو آهي ۽ جنهن ۾ نڪاح جي استطاعت ناهي اهو روزا رکي چو تہ روزو قاطع شهوَت (يعني شهوَت کي ٽوڙڻ وارو) آهي.

(بخاري،ڪتاب النڪاح، باب من لم يستطع الباءۃ فليصم، ج۳، ص۴۲۲، حديث:۵۰۶۶)

میں نیچی نِگاہیں رکھوں کاش اَکثر    عَطا کردے شرم وحَیا یاالٰہی
ہو اَخلاق اچھا ہو کردار سُتھرا    مجھے مُتّقِی تُو بنا یاالٰہی

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب!    صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## سِتار وڄائڻ واريءَ جي توبه

حَضْرَتِ سَیِّدُنا صالح مُرِّي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا ته سِتار (باجي جي قِسم) وڄائڻ واري هڪ ڇوڪريءَ ڪنهن قُرآنِ پاڪ جي قاريءَ جي پرسان گذري جيڪو هيءَ آيتِ مبارڪ تلاوت ڪري رهيو هو.

وَ اِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِیْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِیْنَ ﴿۴۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ بيشڪ جهنم گهيرو ڪندڙ آهي ڪافرن کي.

(پ 10، التوبة: 49)

آيت مبارڪ ٻڌندي ئي ڇوڪريءَ سِتار اڇلايو، هڪ زور دار رڙ ڪئي ۽ بي هوش ٿي زمين تي ڪِري پئي، جڏهن هوش آيس ته سِتار ٽوري عبادت ۽ رياضت ۾ اهڙي مشغول ٿي وئي جو عابده ۽ زاهده مشهور ٿي وئي. حَضْرَتِ سَیِّدُنا صالح مُرِّي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا هڪ ڏينهن مون اُن کي چيو ته ”پنهنجو پاڻ تي نرمي ڪر“ اهو ٻڌي روئيندي چيائين: ”ڪاش! مونکي معلوم ٿي وڃي ته جهنّمي پنهنجي قبرن مان ڪيئن نڪرندا؟ پُل صراط ڪيئن پار ڪندا؟ قيامت جي هولناڪين مان ڪهڙي طرح نجات حاصل ڪندا؟ ٿهڪندڙ پاڻي جا ڍُڪ ڪيئن پيئندا؟ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي غضب کي ڪيئن برداشت ڪندا؟ ايترو چوندي وري بي هوش ٿي زمين تي ڪِري پئي. جڏهن هوش آيو ته بارگاهِ خداوندي ۾ ايئن عرض ڪرڻ لڳي: ”يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون جواني ۾ تنهنجي نافرماني ڪئي ۽ هاڻي ڪمزور حالت ۾ تنهنجي اطاعت ڪري رهي آهيان، ڇا تون منهنجي اطاعت قبول فرمائيندي؟“ پوءِ هُن ڇوڪريءَ درد ڀريل دِل سان ٿڌي آهه ڪندي چيو: ”قيامت جي ڏينهن ڪيترن ئي ماڻهن جا عيب ظاهر ڪيا ويندا.“ پوءِ اُن هڪ رڙ ڪئي ۽ اهڙي



www.dawateislami.net

درد ڀري انداز ۾ روئڻ لڳي جو اُتي موجود سڀ ماڻهو گهٽي روج راڙي جي ڪري بي هوش ٿي ويا. (الروض الفائق، ص١٤٨) (از فيضانِ رياض الصالحين ، ج ١، ص ١٩٢)

عيب ميرے نہ کهول محشر ميں نام ستّار ہے ترا ياربّ!
بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل نام غفّار ہے ترا ياربّ!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو تہ ڪيئن هڪ باجو وڄائڻ واري ڇوڪريءَ تي خوفِ خدا جو غلبو ٿيو ۽ اُها پنهنجي هِن فسقيہ عمل کان توبہ ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول ٿي وئي. افسوس! اڄڪلهہ گانا باجا، موسيقي ۽ راند روند جي سامان مسلمانن جي اڪثريت کي يادِ الٰهي کان غافل ڪري ڇڏيو آهي. موسيقي ڪيترن ئي مسلمانن جي نَس نَس ۾ لهي چڪي آهي، تقريبًا هر هر شيء ۾ موسيقي ڀريل آهي. ڪار هجي يا هوائي جهاز، ٽرڪ هجي يا بس، ٽيڪسي هجي يا سوزوڪي، گڏهہ گاڏي هجي يا ڏِڳا گاڏي، مڪان هجي يا دڪان، ڪارخانو هجي يا گودام، هوٽل هجي يا پان جي دُڪان تقريبًا هر جڳهہ موسيقي جا سُر ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. ٻار اڪ ئي پنهنجي موسيقي ۾ ڪولي رهيو آهي، ويچاري جي پينگهي جي مٿان رانديڪو لٽڪايو ويندو آهي جيڪو اُن کي موسيقي ٻڌائيندو ۽ سمهاريندو آهي.( شايد انهيءَ ڪري ئي ڪيترا ئي بد نصيب سيراندي گانا وڄائيندا آهن تڏهن انهن کي ننڊ ايندي آهي) رانديڪن ۾ گُڏي هجي يا رِڇ، ريل گاڏي هجي يا هوائي جهاز سيني ۾ موسيقي ايستائين جو ٻارن جي جُوتين ۾ موسيقي وڄندي آهي! پوءِ هي ٻار وڏو ٿي ڪيئن موسيقي کان بچي سگهندو؟ ياد رکو! موسيقي شيطاني ايجاد آهي، ان



www.dawateislami.net

باري ۾ دنيا جا مشھور ۽ معروف بُزرگ، عارف بِاللّٰه، حَضرتِ سيِّدُنا داتا علي ھجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان منقول ھڪ روايت جو خلاصو آھي: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ حَضرتِ سيدنا داوٗد عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي بي حد سُريلي آواز عطا فرمائي ھئي، توھان جي خُوش اِلحاني سان جبل وَجد ۾ اچي ويندا ھئا، پکي اڏامندي اڏامندي ڪري پوندا ھئا، پکي ۽ جانور آواز ٻڌي جنگلن مان نڪري ايندا ھئا، وڻ جھومڻ لڳندا ھئا، وھندڙ پاڻي بيھي رھندو ھو، جنگلي جانور وغيره ھڪ مھيني تائين کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندا ھئا، ننڍا ٻار روئڻ ۽ کاڌو کائڻ ڇڏي ڏيندا ھئا. حَضرتِ سيدنا داوٗد عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پُر سوز آواز جي اثر سان ماڻھن جون روحون پرواز ڪري ويندڙيون ھيون. ھڪ ڀيري حَضرتِ سيدنا داوٗد عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پُر سوز آواز ٻڌي 100 عورتون وفات ڪري ويون. شيطان، پاڻ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نيڪي جي دعوت جي ھن انداز کان بي حد پريشان ھو. آخرڪار شيطان بانسري ۽ طنبورو (طم- بورو) ناھيو ۽ گھٽو ڳايو وڄايو. ھاڻي ماڻھو ٻن گروھن (ٽولن) ۾ تقسيم ٿي ويا جيڪي سعادت مند ھئا اُھي حَضرتِ سيدنا داوٗد عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پُر سوز آواز جا شيدائي ٿيا ۽ جيڪي گمراھ ھئا اُھي شيطان جي سازن ۽ ڳانن ڏانھن مائل ٿي ويا. (ڪَشْفُ الْمَحْجوب ص ٤٥٧ بِتَغيُّر) واقعي ڳانو شيطان جي ايجاد آھي جيئن تہ ”تفسيراتِ اَحمديہ“ جي روايت مان بہ اِن جي تائيد ٿئي ٿي تہ سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”شيطان سڀ کان پھرين ماتم ڪيو ۽ ڳانو ڳايو.“

(تفسيراتِ اَحمديه ص٦٠١، اَلْفِردَوس بماثور الْخطّاب ج١ ص ٢٧ حديث٤٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ڳانن باڄن جو ايجاد ڪرڻ وارو شيطان مَلْعُوْن آھي ۽ ڳانا باڄا ٻُڌڻ ۽ ٻُڌائڻ شيطان جي نقشِ قدم تي ھلڻ ۽



www.dawateislami.net

هلائڻ آهي، اچو تہ ڳانن باجن جي مَذمَّت تي چار (4) روايتون ٻڌون:

1. ٻن آوازن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت آهن، (1) نعمت جي وقت وڄائڻ ۽ (2) مصيبت جي وقت ماتم ڪرڻ (دانهون ڪرڻ).

2. حَضرتِ علامہ جلالُ الدِّين سُيوطِي شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نقل فرمائن ٿا تہ ڳانن باجن کان پنهنجو پاڻ کي بچايو، ڇو تہ اِهي شهوَت کي اُڀاريندا ۽ غيرت کي برباد ڪندا آهن.۽ هي شراب جي قائم مقام آهن، اِنهن ۾ نشي جهڙي تاثير آهي. (تفسيردُرِّمَنثور ج ٦ ص ٥٠٦، شُعَبُ الْاِيمان ج٤ص٢٨٠ حديث ٥١٠٨)

3. جيڪو ڳائڻ واريءَ سان ڳڏ ويهي، ڪَن لڳائي ڌيان سان ٻُڌي تہ الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن اُن جي ڪنن ۾ سِيسُو هاريندو. (ابنِ عَساكِر ج٥١ ص٢٦٣)

4. ڳانو ۽ لَهو (راند) دل ۾ اِن طرح نفاق پيدا ڪندا آهن جهڙي طرح پاڻي ساوڪ کي پيدا ڪندو آهي. قَسم آهي اُن مُقدِّس ذات جي جنهن جي قبضہءِ قُدرت ۾ منهنجي جان آهي! بيشڪ قُرآن ۽ ذڪرُالله عَزَّوَجَلَّ ضرور دِل ۾ اِن طرح ايمان پيدا ڪندا آهن جهڙي طرح پاڻي ساوڪ کي پيدا ڪندو آهي. (اَلْفِردَوس بماثور الْخطّاب ج ٣ ص ١١٥ حديث ٤٣١٩) (نيڪي جي دعوت، ص :85 ، 486)

## ڇا واقعي موسيقي روح جي غذا آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل روايتن مان معلوم ٿيو تہ ڳانا باجا ٻڌڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، پر افسوس جو اسان جي معاشري جا ماڊرن مُفڪِّرين ۽ ميوزڪ جا شوقين، اِن فضوليات ۽ يادِ الٰهي کان غافل ڪرڻ واري منحوس شيءِ کي روح جي غذا قرار ڏين ٿا.



www.dawateislami.net

موسيقي هرگز روح جي غذا ناهي بلڪ اِن سان روحانيت تباھ ٿي ويندي آهي، روح جي غذا تہ ذڪرُ الله آهي، جيئن تہ سپارو 13 سُوْرَةُ الرَّعْد، آيت 28 ۾ ارشاد آهي:

اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىٕنُّ الْقُلُوْبُ ﴿۲۸﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ٻڌو الله جي ئي ياد ۾ دلين جو آرام آهي.

روح جي غذا نماز آهي جيڪو ذڪر ئي آهي، جيئن تہ سيپارو 16سُوْرِه طٰهٰ آيت 14۾ فرمانِ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ آهي:

وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكْرِيْ ﴿۱۴﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ منهنجي ياد جي واسطي نماز قائم رک.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گانا باجا روح جي غذا ناهي بلڪ هي تہ روح ۾ خرابي پيدا ڪندا آهن، نمازن ۽ عبادتن جي لذت تباھ ڪندا آهن، مسلمان عورتن کي بي حيائي تي اُڀاريندا آهن، يقينًا ان کي ”روح جي غذا“ چوڻ شيطاني ۽ سازشي نعرو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي گانن باجن جي تباهڪارين کان بچڻ ۽ ذڪرُالله، تلاوتِ قُرآن ۽ نعت شريف پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

میں گانے باجوں اور فلموں ڈِراموں کے گُنہ چھوڑوں
پڑھوں نعتیں کروں اکثر تلاوت یارسول اللہ

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## ٻن گودڙين وارو!

حَضرَتِ سَيِّدُنا ابراهيم آجُرِي ڪبير عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَدِيۡر فرمائن ٿا تہ ”سردين جا ڏينهن هئا، آئون مسجد جي دروازي تي وينو هئس تہ ويجهو ئي هڪ شخص اچي لنگهيو، جنهن ڪي ٻہ گودڙيون (رلهيون) ويڙهيل هيون. منهنجي دل ۾ اها ڳالهہ آئي شايد اهو فقير آهي، ڪيترو نہ سٺو ٿئي جو اهو پنهنجي هٿ سان ڪمائي ڪائي ها. جڏهن آئون آرام ڪيو تہ خواب ۾ ٻہ فرشتا آيا ۽ مونکي ٻانهہ کان جهلي اُنهيءَ ئي مسجد ۾ وٺي آيا، اُتي هڪ شخص ٻہ گودڙيون ويڙهيو سمهي رهيو هو، جڏهن اُن جي منهن تان گودڙي هٽائي وئي تہ اِهو ڏسي آئون حيران ٿي ويس تہ هي تہ اُهو ئي شخص آهي جيڪو منهنجي ويجهي کان لنگهيو هو! تہ فرشتن مونکي چيو تہ ”ان جو گوشت کاءُ“ مون چيو تہ مون هِن جي غيبت تہ نہ ڪئي هئي. چيائون: ڇو نہ؟ تو دل ۾ اِن جي غيبت ڪئي، هُن کي حقير سمجهيو ۽ ان کان ناخوش ٿئين. حَضرَتِ سَيِّدُنا ابراهيم آجُرِي ڪبير عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَدِيۡر فرمائن ٿا: پوءِ منهنجي اک کلي وئي، ڊپ ۽ خوف جي ڪري آئون ڏڪڻ لڳس، آئون مسلسل 30 ڏينهن تائين اُنهي مسجد جي دروازي تي وينو رهيس، صرف فرض نماز جي لاءِ اتان کان اٿندو هئس، آئون دعا گهرندو هئس تہ اهو مونکي نظر اچي وڃي تہ آئون اُن کان معافي گهران. هڪ مهيني کان پوءِ اُهو پُر اَسرار شخص مونکي نظر آيو، ساڳئي طرح اُن جي جسم تي ٻہ گودڙيون (رلهيون) هيون، آئون جلد اُن ڏانهن وڌيس، مونکي ڏسي هو تيز تيز هلڻ لڳو. آئون بہ پويان هلڻ لڳس آخرڪار مون اُن کي سڏي چيو تہ ”اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانها! آئون توهان سان ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيان ٿو“. هن چيو ”اي ابراهيم“ ڇا تون بہ اُنهن ماڻهن مان آهين جيڪي دل ۾ مُومِنَن جي غيبت ڪندا آهن! اُن جي



www.dawateislami.net

وات مان پنهنجي باري ۾ غيب جي خبر ٻڌي آئون بيهوش ٿي ڪري پيس، جڏهن هوش آيو ته هو منهنجي سيراندي بيٺو هو، هن چيو: ڇا بيهر ايئن ڪندين؟ مون چيو ته ”نه، هاڻي آئون ايئن نه ڪندس“ پوءِ اهو پُراَسرار شخص منهنجي نظرن کان گم ٿي ويو ۽ ڪڏهن به نظر نه آيو.

(غيبت جون تباهه ڪاريون صفحو 332)

## بدگماني به غيبت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان حڪايت مان اسان کي عبرت جا بي شمار مدني گُل ملن ٿا، ان مان اها به خبر پئي ته ڪنهن جي باري ۾ بدگُماني ڪرڻ غيبت آهي، يعني ڪنهن واضح قريني کان سواءِ ڪنهن جي باري ۾ بُرائي کي دل ۾ جمائي ڇڏڻ ته اُهو اهڙو ئي آهي ان کي بد گماني چئبو آهي جيڪا ”غِيْبَةُ القَلب“ يعني دل جي غيبت آهي، ڪنهن جي سادي لباس وغيره کي ڏسي ان کي حَقِير ۽ فقير سمجهڻ وڏي غلطي آهي، ڪهڙي خبر اسان جنهن کي ناچيز سمجهي رهيا آهيون اهو ڪو ”گودڙي جو لعل“ يعني پُهتل هستي هجي. (غيبت جون تباهه ڪاريون،ص343)

## روحاني حاڪم

يادرکو! الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها روحاني حاڪم هوندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان غيب جون ڳالهيون انهن الله وارن جي علم ۾ هونديون آهن. هر ولي جي ولايت جي مشهوري ۽ دهوم دهام هئڻ ضروري ناهي، اهي حضرات معاشري جي هر طبقي ۾ هوندا آهن،ڪڏهن مزدور جي ويس ۾، ڪڏهن سبزي ۽ ميوا فروش جي صورت ۾، ڪڏهن تاجر يا ملازم جي صورت ۾ ڪڏهن چوڪيدار يا مزدور جي روپ ۾ وڏا وڏا اولياء هوندا آهن. هر ڪو انهن جي شناخت نه ٿو ڪري سگهي. اسان کي گهرجي ته ڪنهن به



www.dawateislami.net

مسلمان کي حقير نہ سمجھون. مغرور ماڻھو جنھن کي حقير (يعني گھٽ سمجھندو) آھي، ان جو مذاق بہ ڪندو آھي، جڏھن تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ 26 سيپاري سُور اَلْحُجُرَات آيت نمبر 11 ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَ لَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! مرد، مردن تي ٺٺول نہ ڪن عجب نہ آھي جو اُھي ٺٺول ڪندڙن کان بھتر ھجن ۽ نہ عورتون عورتن سان، ٿي سگھي ٿو جو اُھي مسخري ڪندڙن کان بھترھجن.

حَضرَتِ سَيِّدُنا امام احمد بن حَجَر مکي شافِعِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ھن آيت جي تحت فرمائن ٿا تہ ”سُخرِيہ“ مان مُراد ھي آھي جنھن کي ٺوڪيو وڃي، ان کي حقارت سان ڏسڻ، ھن حڪمِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ جو مقصد ھي آھي تہ ڪنھن کي حقير نہ سمجھو، ٿي سگھي ٿو تہ ھو اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ وٽ توھان کان بھتر، افضل ۽ زياده مُقَرَّب (ويجھو) ھجي. جيئن سرڪارِ ابد قرار، شافعِ روزِ شمار، ٻنھي جھانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آھي. “ ڪيترائي پريشان حال ۽ پراڻن ڪپڙن وارا اھڙا آھن جنھن جي ڪو پرواھ نہ ٿو ڪري پر جيڪڏھن اھي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ تي ڪنھن ڳالھ جي قسم کڻن تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ضرور اُن کي پُورو فرمائيندو آھي.

(سُنَن تِرمِذی ج۵ ص۴۵۹ حدیث۳۸۸۰)(غيبت جون تباھ ڪاريون،ص102)

## فقيرن ۽ انھن جي مجلسن کي حقير نہ سمجھو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسانکي بہ تمام مسلمانن، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانھن بالخصوص نيڪ ۽ پرھيزگار فقيرن جي تعظيم ۽ تڪريم ڪرڻ گھرجي



www.dawateislami.net

۽ انهن کي ڪڏهن بہ حقير نہ سمجهڻ گهرجي. ڇو تہ ٿي سگهي ٿو اسين جنهن کي حقير سمجهي رهيا هُجون، اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ مقبوليت جي اعليٰ مرتبي ۾ اسان کان وڏو ڪو مقام رکندو هجي.

زاہد نگاہِ تنگ سے کسی رِند کو نہ دیکھ
شاید کہ اس کریم کو تُو ہے کہ وہ پسند

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

**منا منا اسلامي ڀائرو!** توبهہ ڪرڻ وارن جا واقعا پڙهي يقيناً اسان جو بہ گناهن کان بچڻ ۽ توبهہ ڪرڻ جو ذهن نهيو هوندو، پهرين تہ اسان کي گناهن کان بچڻ ئي گهرجي پر بتقضائي بَشَرِيَّت ڪڏهن جاڻي يا اڻ جاڻي ڪو گناهہ ٿي بہ وڃي تہ توبہ ۾ ڪڏهن بہ دير نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ نهايت عاجزي ۽ اِنڪساري ڪندي توبہ ڪري وٺڻ گهرجي جو الله عَزَّوَجَلَّ توبہ ڪرڻ وارن کي پسند فرمائيندو آهي ۽ اُن جي توبہ بہ قبول فرمائيندو آهي.

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي شانِ غَفّاري

حَضرَتِ سَيِّدُنا اَبُوهُرَيْرَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ تاجدارِ رسالت، مُحسِنِ انسانيت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪڏهن توهان گناهہ ڪندا رهو، ايستائين جو اُهي آسمان تائين پهچي وڃن، پوءِ توهان توبہ ڪريو، الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي توبہ قبول فرمائي ڇڏيندو.

(ابن ماجه، کتاب الزهد، باب ذکر التوبة، ۴/۴۹۰، حدیث:۴۲۴۸)



www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توبہ ڪان پوءِ اُن تي استقامت حاصل ٿي وڃڻ اصل ڪاميابي آهي، اِن لاءِ توبہ تي استقامت حاصل ڪرڻ، گناهن ڪان پاسو ڪرڻ ۽ نيڪين ۾ دل لڳائڻ لاءِ گناهن جي نتيجن ۽ توبہ تي ملڻ وارن انعامن ۽ عزتن ڪي پيشِ نظر رکو ۽ وقتًا فوقتًا توبہ ڪرڻ وارن جا واقعا بہ پڙهندا رهو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توبہ تي استقامت نصيب ٿيندي. ان جي لاءِ مڪتبة المدينه جي مطبوعہ 132 صفحن تي مشتمل ڪتاب "توبہ جون روايتون ۽ حڪايتون" جو مُطالعو بي حد مُفيد آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هِن ڪتاب ۾ توبہ جي اهميت ۽ فضائل، سچي توبہ جي تعريف، توبہ تي استقامت حاصل ڪرڻ جا طريقا، توبہ ۾ اچڻ واريون رڪاوٽون ۽ ان جو حل معلوم ڪرڻ سان گڏوگڏ سچي توبہ ڪرڻ وارن بُزُرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جا ايمان افروز 55 واقعا بہ پنهنجون بهارون لُٽائي رهيا آهن. توهان بہ پنهنجي مصرفيات مان وقت ڪڍي اِن ڪتاب جو بغور مطالعو فرمايو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جون ڪوڙ ساريون برڪتون حاصل ٿينديون.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي بيان ۾ اسان توبھ ڪرڻ وارن جا واقعا ۽ ڪجھ مدني گُل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. جيڪڏهن بتقضائي بَشَرِيَّت اسان ڪان ڪو گناھ ٿي بہ وڃي تہ فورًا پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ ڪان ڊڄندي سچي دل سان توبہ ڪري وٺڻ گهرجي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اسان جو خوفِ خدا رکڻ ۽



www.dawateislami.net

اُن جي بارگاھ ۾ رجوع ڪرڻ اُن جي دربار ۾ اسان جي سفارش ڪندو. ياد رکو! توبہ جو مطلب هرگز هي نہ آهي تہ وقتي طور تي پنهنجي گناهن تي ندامت جو اظهار ڪيو وڃي ۽ پوءِ گناهن جو سلسلو شروع ڪري ڇڏجي بلڪ سچي توبہ اُها ئي آهي جنهن ڪان پوءِ گناھ نہ ڪرڻ جو پُختو اِرادو هجي. الله عَزَّوَجَلَّ اهڙي توبہ کي ئي پسند فرمائيندو آهي ۽ ان جون تمام خطائون معاف فرمائيندو آهي. ياد رکو! توبہ جا ايتري قدر فضائل ٻڌي جيڪڏهن اسان جو توبہ ڪرڻ جو ذهن نهيو تہ شيطان هرگز نہ چاهيندو تہ اسان انهن فضيلتن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون بلڪ هو اسان کي گمراھ ڪرڻ لاءِ طرح طرح جا هٿيار استعمال ڪري اسان کي گمراھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو پر اسان کي شيطان جي حملي کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻي هوندي. نفس ۽ شيطان جي مڪر ۽ فريب کان بچڻ جا طريقا ڄاڻڻ ۽ پاڻ کي سُنتن جي راھ تي آڻڻ لاءِ چڱي صحبت نهايت ضروري آهي، جيڪڏهن اسان چڱي صحبت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توبہ ڪرڻ ۾ اچڻ واريون تمام رڪاوٽون ختم ٿي وينديون ۽ اسين نيڪين جا عادي ٿي ويندا سين.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** چڱي صحبت جي برڪت سان توبہ تي استقامت حاصل ڪرڻ، نيڪين جو عادي بڻجڻ، پاڻ بہ گناهن کان بچڻ ۽ ٻين کي گناهن کان بچائڻ ۽ نيڪي جي رستي تي آڻڻ لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري هفتي وار سنّتن



www.dawateislami.net

پريي اجتماع ۾ وقت جي پابندي سان شرڪت فرمايو، هر مهيني عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر اختيار ڪريو ۽ مَدني انعامات تي پاڻ بہ عمل ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ترغيب ڏياريو.

## مجلسِ توقيت جو تعارف

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! **دعوتِ اسلامي** نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ سنتن جي پرچار جي لاءِ 95 کان وڌيڪ شعبن ۾ ڪم ڪري رهي آهي. اِنهن ۾ هڪ شعبو "مجلسِ توقيت" بہ آهي، جنهن ۾ علمِ توقيت جي ذريعي نمازن جا اوقات، طُلُوع و غروبِ آفتاب ۽ قبلي جي سَمت (طرف) جي دُرُسَت معلومات نقشي جي صورت ۾ جمع ڪئي وئي آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مجلسِ توقيت هاڻي نہ صرف علمِ توقيت جي اُصول و قوانين جي مطابق بي شمار شهرن جا "اَوقَاتُ الصَّلٰوة" نقشہ تيار ڪيا آهن بلڪ ان سلسلي ۾ وڌيڪ هڪ قدم وڌائيندي تبليغِ قُرآن و سُنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مايہ نازمجلسِ آئي ٽي جي تعاون سان هڪ اهڙو سافٽ ويئر "اَوقَاتُ الصَّلٰوة" جي نالي سان متعارف ڪرايو آهي جيڪو ڪمپيوٽر ۽ موبائل وغيره ۾ دُرُست نمازن جي وقت جي نشاندهي ۾ تمام گهڻو مفيد آهي، جيئن تہ ڪمپيوٽر (ڊيسڪ ٽاپ ايپلي ڪيشن، Desktop Application) جي ذريعي پوري دُنيا جي تقريبًا 27 لک جڳهين ۽ جڏهن تہ موبائل ايپلي ڪيشن جي ذريعي تقريبًا 10 هزار جڳهين جي لاءِ دُرُست نماز جا وقت ۽ قبلي جي سَمت (طرف) بآساني معلوم ڪري سگهجي ٿو. نظامُ الاوقات جي تعلق سان ڪنهن بہ قسم جو مَسئلو يا تجويز هجي تہ مجلس جي رُڪنن ۽



www.dawateislami.net

ذميدارن سان عالمي مدني مرڪز، فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ فون يا هِنِ اي ميل ايڊريس (prayer@dawateislami.net) تي رابطو ڪري سگھو ٿا. مڪتب جي مخصوص وقت ۾ توقيت مڪتب ۾ ملي رهنمائي بہ حاصل ڪري سگھجي ٿي.

الله کرم ایسا کرے تُجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اِسلامی تری دُھوم مچی ہو

صَـلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## ٻارنهن(12) مدني ڪم ڪريو!

توهان کي مَدني اِلتَجا آهي تہ دعوتِ اسلامي جي مَدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ مزيد ترقي جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ٻارنهن (12) مدني ڪمن ۾ اڳيان وڌي حصو وٺو، اِنهن ٻارنهن مدني ڪمن ۾ هڪ مَدني ڪم نمازِ فجر کان پوءِ مدني حلقو بہ آهي. جنهن ۾ روزانو، ٽي قرآني آيتن جي تلاوت ساڻ تَرْجمو ڪنزالايمان وتفسير خزائنُ العرفان/ تفسيرنورُالْعرفان/تفسير صِراطُ الجنان،درسِ فيضانِ سُنَّت (4 صفحا) ۽ شَجْره قادِريہ، رَضَويہ، ضيائيہ، عطاريہ جو نظم پڙهيو ويندو آهي. قرآنِ مجيد پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سکڻ سکائڻ جون تمام گھڻيون فضيلتون ۽ برڪتون آهن. منا منا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مَدني حلقي ۾ شريڪ ٿيو يا ان کان علاوه بہ ڪڏهن تلاوتِ قُرآن مجيد سان گڏ تَرْجمو ڪنزالايمان ۽ تفسير خزائنُ العرفان پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿئي تہ آهستہ آهستہ ۽ ان جي معنيٰ ۾ غور و فڪر ڪندي



www.dawateislami.net

تِلاوت ڪرڻ گهرجي، اِن کان علاوه مدني حلقي ۾ چار (4) صفحن جو درس بہ ڏنو ويندو آهي، جنهن ۾ شرڪت جي برڪت سان حصولِ علمِ دين سان گڏوگڏ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدني حلقي ۾ شجري شريف جو نظم بہ پڙهيو ويندو آهي ۽ شجري شريف جي تہ ڇا ڳالهہ آهي! جو مشائخِ ڪرام جو اِهو دستور (طريقو) رهيو آهي تہ اُهي پنهنجي مُريدن ۽ طالبن کي هڪ شجرو شريف بہ عطا فرمائيندا هئا جنهن ۾ سلسلهء عاليہ جي تمام مشائخن جا نالا ۽ ضروري وظيفا ۽ مخصوص هدايتون بہ هونديون آهن. شجرهء عاليہ کي پڙهڻ جي تلقين اِن لاءِ بہ ڪئي ويندي آهي تہ جڏهن ڪو شجرهء عاليہ پڙهندو تہ بار بار پنهنجن مشائخن جا نالا وٺڻ سان نالا ياد بہ ٿي ويندا ۽ هر پيري ايصالِ ثواب ڪرڻ جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اولياءِ ڪاملين جون مُقدّس روحون بہ خوش ٿينديون ۽ ايصالِ ثواب ڪرڻ واري مُريد تي خصوصي نظرِ عنايت ٿيندي آهي جنهن سان مُريد کي ديني ۽ دنياوي بي شمار بَرڪتون حاصل ٿينديون آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مَدني ماحول اسان کي اولياءُ اللّٰه جي محبت، ذڪر ۽ درود جي عادت، نيڪين ڏانهن رغبت ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن ڏيندو آهي. انهي مَدني ماحول جي برڪت سان ڪيترا ئي اسلامي ڀائر گناهن ڀريل زندگي ڇڏي سُنتن جي مطابق زندگي گذارڻ وارا بڻجي ويا، اچو تہ هڪ مدني بهار توهان کي ٻڌايان: هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ پنجاب جي صوبي ضلع بهاولپور جي تحصيل ٽيل والا ۾ هڪ شخص (عمر تقريبًا 37 سال هئي) ان جو مِني (ننڍو) سنيما گهر هو، هو روزانو ڪيترائي شو هلائيندو هو، جنهن ۾ سَوين ماڻهو فلمون ڏسندا ۽ پنهنجي



www.dawateislami.net

اڪين ۾ جهنّم جي باهه ڀرڻ جو سامان گڏ ڪندا هئا، ان ڪان علاوه هو ڪِرائي تي فلمن جون وي سي ڊي، ڪيسٽون به ڏيندو هو. هڪ دعوتِ اسلامي جي مُبَلِّغ اُن تي انفرادي ڪوشش ڪندي ڪيس مدني چينل هلائڻ جي ترغيب ڏياري، خوش قسمتي سان انهن ڪڏهن ڪڏهن مَدني چينل هلائڻ شروع ڪيو، جنهن ڪي هُو پاڻ به ڏسندو هو، ڪجهه هفتن ڪان پوءِ يعني 9 شِعْبَانُ الْمُعَظَّم 1430ھ تي "يَزْمَان" شهر ۾ ٿيندڙ "اجتماعِ ذڪر و نعت" ۾ سَوَين اسلامي ڀائرن جي سامهون انهن ٻڌايو ته مَدني چينل جي بَرڪت سان منهنجي اندر خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ پيدا ٿيو آهي، مون گناهن ڪان توبهه ڪري ڇڏي آهي ۽ مون پنهنجو مِني سنيما بند ڪري ڇڏيو آهي، ۽ نمازن جي پابندي ڪرڻ، ڏاڙهي شريف رکڻ ۽ رَمَضان شريف ۾ دعوتِ اسلامي جي 10 ڏينهن جي اجتماعي اعتڪاف ۾ ويهڻ جون سنيون سنيون نيتون ڪيون. قادريه رضويه سلسلي ۾ بيعت ڪري حضور غوث اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو مُريد ٿي ويو. فلمن وغيره جون تقريبًا 40 هزار روپين جون "ويڊيو سي ڊيز" ضائع ڪري ڇڏيون. مِني سنيما جي جاءِ تي مڪتب قائم ڪيو، جنهن ۾ مڪتبة المدينه جو سامان يعني ڪتاب ۽ وي سي ڊيز وغيره رکيون ۽ حلال رزق ڪمائڻ ۾ مصروف ٿي ويا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن کي ۽ اسان کي استقامت عطا فرمائي. (غيبت جون تباه ڪاريون، صفحي 332)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[3]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[4]

---

3...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسۃ والخمسون،ص151ملخصًا

4...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحاديۃ عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[5]

## (4) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف ڪي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.[6]

## (5)ڇهلک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیۡ عِلۡمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلۡكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيۡهِ رَحمَةُ اللّٰهِالهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[7]

---

[5]...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[6]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[7]...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149



www.dawateislami.net

## (6)قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَاللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي ڪري صَحابَہ ڪرام رَضِیَاللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[8]

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب!　　　　صَلَّي اللّٰہُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[8]...القول البديع،الباب الاول،ص125



www.dawateislami.net